# نوح



Published by the Comic Bible Society, LLC
Copyright © 2021

Kingstone Comics maintains copyright to this comic book as provided by United States copyright law.

Print and digital copies of this version may be freely distributed without penalty under a Creative Commons license.

جڏهين خدا انسان کي ٺاهيو هُن انهي کي خدا جين ٺاهيو.

مرد ۽ عورت کي پيدا ڪيو ويو.

خدا انهن کي برڪت ڏني ۽ انهن کي "انسان" چيو.

آدم 130سالن جو هو جڏهين اُنهي جي شڪل و صورت جهڙو هڪ پُٽ هنُ کي ڄايو هُن اُنهي جو نالو سيت رکيو

آدم کي ٻيا بہ پُٽ ۽ ڌئيرون هيون.

سيت انوّس جو پيءُ هو.

انوّس مان قينان پيدا ٿيو.

قينان محلل ايل جو پيءُ هو.

محّلل ايل مان يارد پيدا ٿيو.

يارد مان حنّوڪ پيدا ٿيو.
حنوڪ مان متوسلح پيدا ٿيو.

حنوڪ خدا کي خوش ڪيوۓ ساڻس گڏ هليو ، ۽ خدا کيس مٿي کڻي ورتو.

متوسلح مان لمڪ پيدا ٿيو.

۽ لمڪ مان هڪ پُٽ پيدا ٿيو جنهنجو نالو نوحّ هو.

لمڪ چيو"تہ هي اسان جي هٿن جي محنت ۽ مشقت سان
جيڪا زمين جي سبب سان آهي، جهين تي خُدا لعنت ڪئي آهي اسان کي آرام ڏيندو.

نوحّ سم، حام ۽ يافت جو پئيءُ هو.

نوحّ جو معني راحت آهي.




هيئن ٿيو تہ جڏهين زمين تي ماڻهو تمام گهڻا وڌڻ لڳا. خدا زندگي جو حد مقرر120 سال تائين مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.
تڏهين خدا ڏٺو تہ انسان ڪيڏو بدڪار ٿي ويو آهي ۽ هُن جي دل جا خيال سدائين بُڇڙا هوندا آهين.
خداوند چيو تہ جنهن انسان ڪي مون پيدا ڪيو آهي تنهن ڪي آءٌ زمين تان مٽائي ڇڏيندس.انسان توڙي حيوان ڪي، ۽ سُرندڙجيتن توڙي هوا جي پکين ڪي ، ڇو تہ آءُ ڪين پيدا ڪرڻ ڪان پشيمان ٿيو آهيان.
پر نوّح تي خدا مهربانيءَ جي نظر ڪئي.
نوّح جو نسب نامو هن ريت آهي.
نوّح جو نسب نامو هن ريت آهي.
نوّح پنهنجي زماني ۾ راستباز ۽ بي ڏوهي هو.۽ خدا سان گڏ هلندو هو.
نوّح ۽ هُن جي زال جا ٽي پُٽ نالي سِم، حام ۽ يافت هئا.
۽ خدا نوّح کي چيو.
مون سيني ساهوارن جي پڇاڙي جو فيصلو ڪيو آهي. ڇا لاءِ جو انهن جي ڪري زمين ظلم سان پر جي وي آهي.
۽ ڏس آءٌ خود زمين تي پاڻي تو ” آڻيان،تہ آسمان جي هيٺان جيڪي ساهوارا آهن ، تن سيني کي برباد ڪريان.
هاوءِ ، آءٌ نسلِ انساني زمين سان گڏ تباهہ ڪندس.تون ديال جي ڪاٺ مان پنهنجي لاءِ هڪڙي ٻيڙي ناهہ، ۽ انهي ٻيڙي ۾ ڌار ڌار ڪوٺيون ناهہ، ۽ ٻيڙيءَ کي اندران ۽ ٻاهران رال لڳاءِ.
۽ جيڪي بہ زمين تي آهين سي سڀ مري وڃن.
۽ ائين ڪجان تہ ٻيڙي جي ڊيگهہ 450 فوٽ ،ويڪر75 فوٽ ۽ اوچائي 45 فوٽ رکجائين ۽ هُن ٻيڙي ۾ هڪ روشنِ دان ناهيجان،۽ مٿان 18 انچ ڇڏي اِنهي کي ختم ڪري ڇڏيجان۽ دروازو هُن جي وچ تي رکجان ۽ هُن ۾ ٽي درجا ناهيجان هيٺيون ،ٻيو،۽ ٽيون.
پر آءٌ تو سان پنهنجوعهد قائم ڪندس؛ تون تنهنجا پُٽ، تنهنجي زال ۽ تنهنجي پُٽن جون زالن کي محفوظ رکندس.






پيدائش 6:19-7:10


۽ اُنهي ڏينهن ائين ٿيو ته سڀ ڪان واڏا سمند جا چشما ڦاٽي ويا ۽ آسمان جيون دريون ڦاٽي ويون. ۽چاليهه ڏينهن ۽ رات برسات ٿندي رهي.
۽ چاليهن ڏينهن تائين زمين تي طوفان رهيو ، ۽ پاڻي گهڻو ٿي ويو ۽ هُن ٻيڙي کي زمين کان مٿي کڻي ورتو. سو ٻيڙي زمين کان اُٿي وي ۽ پاڻي زمين تي تمام گهڻو ٿي ويو ۽ ٻيڙي پاڻي تي ترڻ لڳي ۽ پاڻي زمين تي گهڻو چڙهيو، اهڙو جو جيڪي به وڏا جبل دنيا ۾ هئا سيئي لڪي ويا ۽ پاڻي هُنن کان ٻاوي فوٽ مٿي ٿي ويو ۽ جبل پاڻي جي هيٺ اچي ويا.
گُوم



پيدائش 11:7ـ24


ۀ ٻيڙي سوڍينهن کان پوءَ هڪ جبل تي ٽڪجي وي.جڏهين نوّح هڪڙي ڪانگ کي موڪليو.
بابا جان اوهان ائين ڇو ڪيو؟
اونچائي کان ڪانگ سُڪل زمين ڳولن جي قابل هوندو . جيڪڏهين واپس موٽي آيو تہ هن جو مطلب آهي تہ زمين تي آنجان بہ پاڻي آهي.
نہ بابا جان، منهنجومطلب آهي تہ ڇو اوهان ڪانگ کي اُڏاريوآهي؟ جڏهين تہ اهي پاڻ وٽ بہ ٺي آهين ۀ جيڪر هن کي ڪُجهہ ٿي ويو تہ......
پيهرڪبوتري کي روانو ڪندس اسان وٽ هو انگ ۾ ست آهين.......
پر اُهو ڪانگ واپس ڪون موٽيو ۀ هڏان هُڏان پاڻي جي مٿي گهومندو رهيو.
هڪ هفتي کان پوءَ
ڇو ادا ، ڇو بابا؟
اوهان ڪانگ کي گُزريل هفتي مڪليو هو ۀ ڪُجهہ بہ ظاهر نہ ٿيو.
پر آءٌ وڏي تجسس ۾ آهيان . آءٌ ڄاڻڻ چاهيان ٿو تہ ٻاهر سڀ ڪئين لگي ٿو، پر آءٌ دروازو کولڻ جي جُرت نٿو ڪري سگهان
پيدائش 6:8-9





پيدائش 8: 10-12


خُدا جي بند ڪيل
درن جي ٿي سو
چاهتر ڏينهن ڪان
پوءِ....
منهنجا پُٽ، منهنجي
خيال ۾ هاڻ وقت اچي
ويو آهي.
اڄ اسان ڏسندا سين تہ
زمين اسان جي رهڻ جي
لاءِ تيار آهي.
اوه
نوّح !
ڏسو
زمين جو مٿاڇرو بلڪل تيار
آهي....
تڏهين خُدا چيو:
ٻيڙي ڪان تون،تنهنجي
زال ، تنهنجن پُٽن ۽
هنن جيون زالن سوڌو
ٻاهر نڪري اچ.
پيدائش 8 :14-15




پيدائش 8:17-19


چالاءِ بابا جان ؟
تہ اسان خُدا جي آڏو هُنن جي قُرباني پيش ڪريون.
پُٽ!
پاڪ جانورن مان هڪڙو هڪڙو مون وٽ ڪٽي اچو
بابا جان، هڪڙي ڪبوتري.
هاڻ، باھ وٺي اچو.


وڌو ۽ ويجهو ۽ زمين کي پرپورڪريو.
۽ زمين جي سيئي جاندارن سيئي پکين تي اوهان جو دبدبو ۽ دهشتت هوندي . ۽ اهي سيئي جيت جنن سان زمين پرل آهي ۽ سمنڊ جيون سيئي مڇيون.
اهي سپ اوهان جي هٿ ۾ ڏئي ڇڏيون آهين.
هر هلندو گهومندو جاندار اوهان جي کائڻ لاءِ هوندو.
سائي ڀاجي جئين سپ ڪا اوهان کي ڏئي ڇڏيو آهي.
۽ اوهان جي خون جو بدلو آءٌ ضرور وٺندس.
هر جانور کان هُن جو بدلو وٺندس.
ماڻهو جي جانِ جو بدلو ماڻهو کان ۽ هُن جي ڀاءِ بند کان وٺندس.
جيڪو ماڻهو جو رت واهائندو هنُ جو رت ٻہ ماڻهو کان واهائبو ڇو تہ خُدا انسان کي پنهنجي صورت تي جوڙيوآهي.
وڌو ۽ ويجهو ۽ زمين تي گهڻو اولاد پيدا ڪريو ۽ وڌندا وڃو.

پيدائش 9:1-7




پيدائش 9:11-17




پيدائش 9:20-21


بابا جان ؟
مان چيران آهيان جيڪڏهين اوهان ڏسو ته.
اوهہ ، بابا جان
منهنجو خيال آهي تہ اُنهن پکين کي اسان سان گڏ رهڻ کپي ها.
ائين لڳي ٿو تہ اُنهن جو گوشت ڏاڍو مزيدار هو.پر آهي بہ پين جانورن جئين اسان کي ڇڏي هليا ويا.
مر مر مر مر ، ڇا مسئلو آهي ؟
بابا جان کان پوڇيو تہ ڇا مسئلو آهي
ڊاک جو باغ جيڪا هنن لڳايو هو اُنهي ۾ ميوو پيدا ٿيو آهي ۽ اسان جي بابا جان هُن جي مئي پيتي آهي ۽ هو نشي ۾ آهين
هاڻ هو پنهنجي تنبوُءَ ۾ اُگهاڙي حالت ۾ آهين
پاڻ وڃين ڏسي وٺو
پيدائش 9:22


ۀ نوح جي ڪٽنب موڙ سندس پٽن ڪي انهن جو پنهنجو پٽ هو
بابا جان!
هي ڇوڪرو آهي اسان هن جو نالو ارام رکنداسين
منهنجي زال بهتر آهي ، عورتون هُن جي مدد جي لاء اچي رهيون آهين
پر مان چاهيان ٿي تہ پنهنجي پهرين پوٽي جو نالو اوهان رکيو.
ارام
هڪڙو بدڪار اولاد هاڻ ڪون آهي.پر اسان جيون بُرائيون اڃان بہ هُت جيون هُت آهين.
اسان جو خُدا سان وعدو اُتي ئي آهي تہ خُدا هاڻ ڪڏهين بہ زمين ڪي پاڻي ساڻس تباهہ ڪون ڪندو.
آءٌ حيران ٿيندو آهيان تہ خدُ ايندڙ نسل سان گناهہ جي صفائي جي لاء ڪهڙو وعدو ڪيو آهي ؟
ۀ ڌرتي تي جيڪي قومون نسلن ۀ گروهن جي اعتبار سان جڳي جڳي ورائيل هئيون اُهو انهن مان هئيون.....
پيدائش 9:19، 28


طوفان کان پهرين ماحول ۾ ڊگهي زندگي عام ڳالهہ هئيُ جنهن جي گهٽ ۾ گهٽ ٻہ سبب ڏسجن ٿا.
پهريون سبب ، پهرين مرد ۽ عورت جا جينياتي نظام جو مڪمل ٺيڪ ٿيڻ بہ آهي
طوفان کان پوء نوّح 350 سالن تائين. جئرو رهيو.
ٻي ڳالهہ اهياء آهي تہ پهرين زمين ساوڪ ۽ پاڻي سان ڍڪيل هئي جيڪا سج جي نقصانڪار شعاعن کان بچايو ۽ نباتات ۽ جانورن جي لاء هڪ مخصوص ماحول ڏيندي هئي.
طوفان کان پوء جي زمين ٿوري مختلف هئي هن جي مٿان ماحول هاڻ بدلي چُڪو هو پر انجان بہ زمين پوک جي لائق هئي
نوّح جي پُٽن خُدا جي حڪم جي مطابق زمين تي پنهنجي اولاد کي وڌايو،اُنهن کي پُٽ ۽ ڌئرون ڄائيون.
پيدائش 9:28


نمرود (“ باغي ”) نوّح جو پوٽو هو ۽
هو هڪ اعظيم جنگجو جي حثيت
سان هن زمين تي رهيو
۽ سڄي زمين تي هڪڙي زبان ۽ هڪڙي.
ٻولي هئي
پر بجاء خُدا جي زمين تي پنهنجي اولاد وڌڻ جي حڪم جي
فرمانبرداري جي هوُ هڪڙي ميدان جنهن جو نالو سنعار هو
اُنهي ۾ اچي رهي پيا جنهن کي بعد ۾ بابل سڏجن لڳو
هنن چيو تہ اچو تہ پنهنجي لاءِ
هڪڙو شهر ۽ بُرج جنهن جي چوٽي
آسمان تائين وڃي پهچي جوڙيون،
۽ هتي پنهنجو نالو قائم ڪريون ۽
متان پوءِ اسين ساريءَ زمين تي
پري پري پکڙجي وڃون
۽ وڏو نمرود
اسان جي اڳواڻي
ڪندو
هن وڏي منصوبي جي تڪميل
جي لاءِ اسان پهڻن جي بدران
سرون استعمال ڪنداسين ۽
چُن جي بدران گارو ڪم ۾
آڻيندا سين
اچو ، سرون
ٺاهيون ۽ اُنهن کي
سُٺي نموني سان
باهہ ۾ پچايون


اسان کي ضرورت ناهي تہ خُدا اسان تي حڪمران هُجي ۽ نڪي اسان کي وڏي ڏاڏي نوُح جي پُراڻن قانونن تي عمل ڪرڻ جي بہ ضرورت آهي.
هي وڏو شهر سڄي زمين جو مرڪز هُندو ۽ سيئي ماڻهون هتي عبادت جي لاءَ ايندا.
۽ نمرود اسان تي حڪُمراني ڪندو.
اوهو ئي اسان جو حُڪمران هوندو ۽ اسان جي لاء مقّدس هوندو.
وڏو نمرود.
هُو هڪڙو اهڙو وڏو بُرج ناهن شروع ٿي ويا جنهن جي چوٽي آسمان تائين پهچي سگهي.
تڏهين عبادت جي هن نئين مرڪز تي ڪم جو شروعات ٿي ويو.
هو اهڙو وڏو عبادت گاه ناهڻ چاهندا هئا جتي نہ رڳو پنهنجي هوُ تارن جي ۽ باقي خلق ٽيل شئين جي عبادت پڻ ڪريو سگهن.



پيدائش 11:4


۽ خُدا انهي شهر ۽ بُرج ڏسڻ کي بنن
جيڪا اُنهن ٺاهيو هو هيٺ لهي آيو.


پیدائش 11:5


هاڻ هي جيڪا ڪُجھ بہ جھن جو هي ارادو ڪندا تہ هو هنن کان نا ممڪن نہ رهندو.
اچو تہ هنن جي ٻولي ۾ مونجهارو وجهون تہ هو هڪ ٻئي جو ڳالهائڻ سمجهي نہ سگهن.
Nu pot să înțeleg ce se spune!
WAS SAGST DU IDIOT?
FAIRE DE LA PLACE POUR D'AUTRES À REGARDER LES ÉTOILES DIEU.
ڳالهائڻ بند ڪريو، هيءَ تہ ڪا ٻي ٻولي آهي، منهنجي نظرن کان پري هليا وڃون
ڇا هلي رهيو آهي، توکي منهنجي ڳوري بہ سمجھ نہ پئي اچي؟
رڳو اوهي ماڻهون هڪ ٻئي جي ڳالھ سمجهي سگهيا ٿي جيڪي نئين زبان ڳالهائي يا سمجهي سگهيا ٿي.
نتيجي طور تي بُرج جو ڪم رُڪجي ويو ۽ ماڻهون زمين تي ٽڙ پکڙ ٿي ويا جئين خُدا حُڪم ڏنو هو.
پيدائش 11:6-8

"THE BIBLE EXPLAINED
IN EVERY LANGUAGE."

